# ٻه اکر

**ڪلاچي** تحقيقي جرنل، جيڪو اڳ ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيندو هو، پوءِ آن لائن به ٿيو. ڪجھ عرصي تائين هائير ايجوڪيشن ڪميشن جرنل جي اشاعت لاءِ فنڊ مهيا ڪندي هئي، پر پوءِ اهو سلسلسو ختم ٿي ويو. شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ملندڙ گرانٽ مان يا ٻين لفظن ۾ پنهنجي هڙان وڙان شايع ڪرائيندي رهي، پر عمران خان جي حڪومت ايندي يونيورسٽين ۽ يونيورسٽين سان لاڳاپيل ادارن جي امداد ۾ ڪٽوتي جو عمل شروع ٿيو، جيڪو لڳاتار چار سال جاري رهيو، جنهن يونيورسٽين ۽ يونيورسٽين جي مالي صورتحال کي تمام گهڻو خراب ڪري ڇڏيو. هر پاسي دانهن ڪوڪ ٿي پئي، پر سرڪار ان تي ڪو ڌيان نه ڏريو. موجوده مالي سال جي بجيٽ ۾ صحت ۽ تعليم تي سڀ کان گهٽ رقم رکي ويئي آهي. گذريل ڪجھ سالن کان عملي ڪي پگهارون ڏيڻ به ڏکيو ڪم ٿي پيو آهي. اهڙي صورت ۾ ’ڪلاچي‘ جي ٻيهر اشاعت ناممڪن ٿي ويئي آهي. جڏهن ڪلاچي ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيندو هو، ته ان جون ڪاپيون مفت ۾ اديبن، عالمن ۽ علم دوستن کي ڏياري موڪلبيون هيون. ٽپال ۽ ڪوريئر جو خرچ به ادارو برداشت ڪندو هو. اهڙيءَ ريت ڇپيل مقالا علمي ۽ ادبي حلقي جي وڏي تعداد تائين سولائي سان وڃي پهچندا هئا. موٽ ۾ تبصرا، صلاحون ۽ تنقيدون اسان تائين پهچنديون هيون، جن جي روشنيءَ ۾ ڪلاچيءَ کي بهتر کان بهتر ۽ معياري بنائڻ ۾ مدد ملندي هئي.

جڏهن کان ’**ڪلاچي**‘ فقط آن لائن ٿيو آهي، ته ان جي پڙهندڙن جو تعداد به گهٽيو آهي. گهڻا عالم ۽ اديب جيڪي وڏي عمر جا آهن، تن کي ڪمپيوٽر يا ليپ ٽاپ جو استعمال نه ٿو اچي يا وٽن اهي آهن ئي ڪونه! نوجوان طبقي کي علمي توڙي تحقيقي مواد سان گهٽي دلچسپي آهي ئي ڪونه! جن وٽ ليپ ٽاپ يا ڪمپيوٽر آهن، تن جي دلچسپيءَ جو ٻيو گهڻو سامان مختلف سائيٽن تي دستياب آهي، تنهن ڪري هڪ محدود تعداد علمي ۽ تحقيقي ادب ڏانهن رُخ ڪري ٿو، يا جيڪي تحقيق ڪن ٿا يا تحقيق سان دلچسپي رکن ٿا، اهي ئي ’ڪلاچي‘ يا ٻين آن لائن جرنلن جي ويب سائيٽن جو رُخ ڪن ٿا، جنهن جي ڪري تحقيقي ادب جي واڌاري/اپياس ۾ گهڻتائي اچي رهي آهي. اهي لکن يا پڙهن ٿا، جيڪي يونيورسٽين يا اعليٰ تعليمي ادارن ۾ پڙهن يا پڙهائن ٿا، چاڪاڻ ته پڙهندڙن (يعني شاگردن) لاءِ ايم. فِل يا پي. ايڇ. ڊيءَ جي ڊگرين لاءِ ٿيسز سان گڏ مقالو پيش ڪرڻ ضروري هوندو آهي، ۽ پڙهائيندڙن لاءِ ترقي يعني Promotion لاءِ ڇپيل مقالن جو هڪ مخصوص تعداد جو هئڻ ضروري هوندو آهي، جنهن کان سواءِ هو مٿين ڏاڪن تي چڙهي نه سگهندا آهن.

مان سمجهان ٿي ته جيستر تحقيقي جرنل ڪتابي صورت ۾ شايع نٿا ٿين، ان وقت تائين انهن مقالن جي اهميت ۽ افاديت نه ٿيندي، جيڪا آن لائن وسيلي ممڪن ناهي.

**ڊاڪٽر ناهيد پروين**

ايڊيٽر